سنت مالا
١٦٦٥-١٦٦٦

نومبر، ٢٠١٠

شري سکمنيِ صاحب جوسنيهو

(٢٦)

٦ رپيا

واسواڻيِ

وشيہ سوُچِي

سمرپن

منهنجي گروديو،

جي ڪمل قدمن ۾!

ٻہ اَکر

سنت مالا جي هن نمبر ۾ پياري دادا جا ٿورا وڏيڪ اُپديش شري سڪمنيِ صاحب جي وچنن تي ڏنا ويا آهن.

پيارو دادا اِڪ هنڌ چوي ٿو:- ”شري سڪمني صاحب ۾ صدين جو آواز آهہ! ۽ مان سمجهان ٿو تہ هن ۲۱ صديءَ ۾ جو بہ سچي وديا وٺڻ چاهي اُن کي کپي تہ رشين، سنتن، درويشن ۽ فقيرن جي سکيا ضرور سمجهي. اِن سکيا جو زور هنن ٻالهين تي آهي تہ (۱) پريوءَ لئہ پيار رکو، (۲) اُن پيار ۾ پنهنجو آپو وڃايو؛ ۽ (۳) پاڻ کي وساري ڏکين جي شيوا ڪريو.

شري سڪمنيِ هڪ ڀڳتيِ شاستر آهي ۽ اِنهيءَ سکيا جيِ ساکيِ ڏئي ٿو. پيارو دادا وڏيڪ چوي ٿو:- ”هيِ جيو آهي هڪ پکيِ. هِت وشرام ۾ ڪونهي: پيو ٻولي! وريِ وريِ پيو ٻولي پنهنجو ڏام! پيو ٻولي، تان جو پريوءَ کي پائين ۽ هن مٽيءَ جي ڪايا کي مٽائن هق پريوءَ ۾ لولين تيِ وڃي. پيار، ڀڳتيِ آهي لولين ٿيڻ. جو پريوءَ کي، پرم پرش کي، ساجن سائين کي پريم ۾ پائي ٿو، سو سڀاڳو! اوُ آنند رَسُ پيئي ٿو، پردو هٽائي، پراڻ پتيءَ کي ملي ٿو ۽ سندس جيون ۾ اَمر جوتيِ اَچيِ تيِ چمڪي!

پيارو دادا هڪ گيت ۾ چوي ٿو:-

سمهان تہ سپنن ۾ ڏسان،
جاڳان تہ من مندر ۾ پسان
هڪ پريتم: نين نين نهاريان؛
”پيئا“ ”پيئا“ ڪري پڪاريان!

(٢٦٢)

سچِي آبروُ

هَرِ ڪا نام جَنَ ڪئُہ مُڪت جُڳت
هَرِ ڪيء نام جَنَ ڪئُہ تِرپت ڀُڳت
اَشٽپدِي ٢: پوڙِي ٦ - ١

ڪئن نہ گروجن جي ٻاڻِي هلي پيئي. هماليہ جي هڪ ياڻي ۾ ويس. اُت ڏٺم، هڪ نديِ پيئي هيٺ وهي. اُها نديِ پيئي هلنديِ هلي ۽ ٻُڪ ۾ مون اُن نديءَ جو پاڻِي پيتو. عجيب پاڻِي، سيتل پاڻِي. ٻُڪ پنيان ٻُڪ ويس پيئندو ۽ مون چيو: هيِ جل ڪهڙو نہ سيتل. اَهڙو پاڻِي اَتو شرِي سڪمنِي صاحب. هماليہ پربت جي نديءَ جو نرمل جل، سيتل پاڻِي پيو هلي، پيو هلي.

گروجن هن پوڙِيءَ ۾ ڪهڙو ويچار ڏين ٿا؟ هڪ ويچار. سو ويچار ڪهڙو؟ جيڪِي بہ توهان ڪي ڪپي، سو هرِي نام ۾ اَتو. منهنجا پيارا ياءُ! توکي ڇا ڪپي؟ ڪو چوي ٿو: مون کي مڪتِي ڪپي. گروجن چون ٿا: ”هر ڪا نام جَن ڪئُہ مڪت جڳت!“ ورِي ٻيو ياءُ چوي ٿو: ”مان تہ مُنجهِي پيو آهيان.“ ”پيارا! توکي ڇا ڪپي؟“ ”مون کي ڪو رستو ڪپي. ڪا جڳتِي ڪپي. اِن تلاش ۾ آهيان.“ گروجن چون ٿا: ”تون، مُنجهيل آهين.

گَرجي بادل گھر گنڀير
دل ڀڄي بلڪل منجھه اُڪير!
گگن ۾ بجلي، بجلي برسي:
نوُري نهاري، موهن مشڪي!

پيارو دادا چوي ٿو:- ”جڳهه ۾، مٽاچڙيءَ نظر سان، اَشانتيءَ، وير ورود، تڪرار ڏسڻ ۾ اَچن ٿا. پر جن هن ٻاهرئين روپ کي ٽوڙي، اَندر پرويش ڪيو آهه، اُنهن لاءِ هي سنسار به ”سکه ساگر“ آهه: هي جڳت پرڀوءَ جو روپ وِلاس آهه: جئن رشي چوي ٿو:- ’جڳهه سارو پرڀوءَ جو وستر آهه.‘ اِڪ گيت ۾ پيارو دادا چويٿو:-

پردي اَندر منهنجو پريتم پيارو،
منهنجو ساجن سائين، نينهن نيارو:
جئن تِر ۾ تيل، چقمق ۾ آگهه،
تئن اندر سائين تنهنجو، جاڳهه!
وڃ اندر، پريتم سان تون رِل مِل ٿيءِ،
روشن مُکڙو پَسي اَمرت پيءِ!
وڃ اَندر، رڳهه رڳهه وڄي رباب،
پَسي پريتم نوُري، نيڻ وهائين آب!“

شل پياري دادا جو آواز اَسين به ٻڌون ۽ اندر اندر، وڃ دل مندر وڃڻ جي ڪوشش ڪريون- شري سکمنيءَ جو سِنيهو اَسين به اَندر اُنجو ڌيان ڪريون، پنهنجو مانکه جنم سڦل ڪريون!

آتما واسواڻي

چمڪي. گروجن چون ٿا: ”توکي سوُنهن کپي؟ روپ رنگ کپي؟ اُهو روُپ رنگ ٻه اَٿيئي نام ۾.“ گروجن نٿا چون ته روپ رنگ نه ڪريو. پر اُها روپ رنگ جي پياس توهان جي پوري ٿيندي جڏهن نام جپيندا.

هَرِ نامُ جَپت ڪب پريءَ نه پنگُ ٢-٦-٢

پَنگ معنيٰ مشڪلات. هري نام ڳايو ته توهان کي مشڪلات ڪونه منجهائيندي. اَسين منجهي پئون ٿا. گروجن چون ٿا: نام ڳايو، منجهندا ڪين. نام جپيندا ته مشڪلات تي سوپ پائيندا.

هَرِ ڪا نام جَنَ ڪي وڏيائي ٢-٦-٣

هڪ ڀاءُ چوي: مون کي کپي ته مان ٿيان وڏو ماڻهو. مون کي ته پياس اَٿيئي مانَ شانَ واسطي. اَسيمبليءَ ۾ وڃان. مون کي وڏائي کپي.

پيارا! توکي وڏائي کپي ته بيشڪ وٺ، پر سچي وڏائِي وٺ. هيءَ وڏائِي ڪهڙي؟ ٿي سال اَسيمبليءَ ۾ ميبر ٿيڻ لاءِ ڪيترا نه خرچ ڪرين ٿو. ڪنهن نه ڪنهن ڏَر جي خوشامد ڪرين ٿو. پيارا! جو ڪري ٿو خوشامد، اُهو ته آهي غلام. سچي وڏائِي وٺ. گروجن چون ٿا: سچي وڏائِي ٻه اَٿو نام ۾. پريوءَ جي پيارن جي وڏائِي آهي نام ۾. سنت لڪل رهن. پريوءَ جا ڀڳت ڪُنڊ ۾ رهن. لڪل رهن، نام ۾ رُڌل، نام ۾ رتل. نام پيا ڳائين. سندن وڏائِي آهي نام ۾. تون ٻه سچي وڏائِي وٺ.

ضروري آهي تہ تون نام جپين. ساڌنائن جو ساڌن اَتيئي نام. نيمن جو نيم اَتيئي نام. ”جُڳت معنيٰ يُڪتي. سچي يُڪتي هن روحاني راهہ ۾ اَتيئي نام.

هڪ دفعي مون هڪ ٻالڪيءَ کان سوال پڇيو: ”توکي ڇا کپي؟“ مون کي چيائين: ”مون کي کو اَهڙو ڪاڌو ڏيو، جو کان، مون کي وري بُکہ نہ لڳي. هي ڪاڌو مان کان تي وري بُکہ لڳي ٿي.“

گروجن چون ٿا: اَهڙو ڀوڄن بہ اَتيئي نام ۾. ڀُڳت معنيٰ ڪاڌو، ڪاڌو جو ترپت ڪري. ڪاڌو جو هڪ وار کائي، وري بُکہ لڳي ئي ڪين. اُهو ڪاڌو، اُهو ڀوڄن، سو بہ اَتيئي نام .

هَرِ ڪا نام جَن ڪا روُپ رَنگُ ٢-٦-٢

”روپ رنگہ“: ڪيتريون نہ ڇوڪريون آهن، ڪيتريون نہ اِستريون، جن کي روُپ رنگہ کپي. سارهي پائين. وار ناهين. روُپ رنگہ لئہ ڪيترن کي نہ پيار آهي. اُن کي اَسين چئون فئشن. اَسين ڇوڪرين کي چئون: فئشن نہ ڪريو، پر ڇوڪريون ٻڌن ڪين.. ٻڌنديون ڪين. پر اُنهن ڇوڪرين کي هڪ ڳالهہ سمجهايو تہ روُپ رنگہ اَتو نام ۾. ڪري ڏسو، هري نام ڳايو، هري ڪيرتن ڪريو، شبد ڳايو، ڀڄن ڳايو: پوءِ پنهنجا مُنهن ڏسو. اَوهان جا مُنهن پيا چمڪندا. سچي سوُنهن اَتو نام ۾. جيڪو بہ ڀاءُ، جيڪا بہ ڀيڻ روز ڪجهہ وقت خرچ ڪري ٿي، ڪري ٿو پرڀوءَ جي ڀڄن ۾، اُن جي مُکہ ۾ سوُنهن اَچي ٿي

(٢٦٣)

هر نام ڪي شيوا

هَرِ ڪا نام جَنَ ڪَئُہ پوڳہ جوڳہ
هَرِ ڪا نام جپت ڪِڇُ ناهِ ڀيوڳُہ
(٢-٦-٤)

هَرِ ڪا نام معنيٰ هريءَ جو نالو. جَن معنيٰ هريءَ جا جَنَ، پريوءَ جا پيارا. جَنَ ڪَئُہ معنيٰ پريوءَ جي پيارن جِي، پوڳہ معنيٰ خوشي.

پريوءَ جي پيارن جِي خوشِي آهي نام ۾. هڪ ويچار سمايل آهي سچِي شرِي سکمني صاحب ۾ تہ سڀ ڪجهہ آهي سمايل هرِي نام ۾. ڪاڏو ٽپي توڪي؟ اَتيئِي هرِي نام. سونهن، روپ رنگہ ڪپي توڪي؟ اِها سونهن بہ اَتيئِي هرِي نام. سَهڻ جي شڪتي، سا بہ اَتيئِي هرِي نام ۾. ڪوڙِي وڏائِي ڇڏ. سچِي وڏائِي جي توڪي ڪپي تہ اُها اَتيئِي نام ۾.

ڏسو، سائين ڪنهن تي چِٽ رکي، اُهو ڪوئِي لاهي نہ سگهي. پر جو چِٽ دنيا اَچِي اَسان تي رکي ٿي ٿورو وقت، وري چِٽ لهِي وڃي ٿو. سچِي وڏائِي توڪي ڪپي، پيارا؟ سچِي وڏائِي ڳول هرِي نام ۾. پيارا! توکي عزت کپي، آدر کپي؟ ڳول هرِي نام ۾.

هَرِ ڪيءِ نامُ جَنَ سويا پائِي ٢-٦-٣

ٻيو ڀاءُ چوي ٿو: ”مون کي عزت کپي. آبروُ کپي.“ عزت واسطي اکر آهي ”سويا“. اِها عزت، اِهو آدر بہ اَٿيئِي نام ۾. تون نام نہ وسار. لوڪن جي عزت اَڄ آهي، سُڀان ڪانهي. ساڳيو ماڻهو اَڄ اُن کي لوڪ گاڏيءَ ۾ سرگس ۾ گهمائيندا. لوڪ تہ آهن موُرکہ. وري ٻئي ڏينهن لوڪ اُن کي پٿر هڻن. اَڙي! اِها آبروُ ڪهڙي؟ اَڄ اُهو ڀاءُ، اَسين چئون، اَسان جو سردار. ساڳيو پيارو ڀاءُ ٻئي ڏينهن اُن لئہ پرستاوَ پاس ڪريون. هن کي پنگت مان ڪڍي ڇڏيو. سچِي عزت، سچِي آبروُ ملي ٿي اُن کي. جا ملي ٿِي ستسنگہ جي دربار ۾، جا فرشتا اَچِي ڏين ٿا. آسيس ديوتائن جِي اَٿو سچِي آبروُ- پيارا! تون اِها عزت وٺ. اُها عزت اَٿيئِي نام ۾!

هري ڪرشن هري ڪرشن، ڪرشن ڪرشن هري هري!

ڊپ نہ ڪريو. چنتا ڇا جي؟ اَوهان جي گهرن ۾ مسلمان ڪين ايندا. اَسان جي حياتيءِ اَڪثر گذري تي چنتا ۾، ڳڻتيءَ ۾. اَوهان جي گهرن جي سنڀال سائين وينو ڪري. پريوءَ جو پيارو، جو نام جپي ٿو، سو وڇوڙي ۾ نٿو رهي. وڇوڙو آهيئي ڪونہ. اُهو سدائين رهي ٿو پنهنجي رام جي روُبروُ.

۽ هينئر اَچي ٿي پڇاڙيءَ جي تڪ:

جَنُ راتا هَر نام ڪي شيوا،

نانڪ پوُجيء هَر هَر ديوا. ٢-٦-٥

جَن معنيٰ هريِ جَن، پريوءَ جا پيارا. ”جَن راتا“ معنيٰ رتل رهن ٿا. اُهي پريوءَ جا پيارا، اُهي هريِ جَن رتل رهن ٿا. ڇا ۾ رتل رهن ٿا؟ اُهي پريوءَ جا پيارا رتل رهن ٿا نام جي شيوا ۾. تڏهن بہ ڳالهيون اُنهن پيارن بابت آهن. اُهي پريوءَ جا پيارا نام ڳائين. اُهي جَن، اُهي پيارا شيوا ڪن، نام جي شيوا ڪن. نام جپين، ۽ نام جي شيوا ڪن.

ڏٺو ڪين اَتو تواريخ ۾ تہ سنتن ڪيڏي نہ شيوا ڪئي آهي. سنت ٿين ٿا شيوڪ. سنت پريوءَ کي پائي هيڏانهن هوڏانهن نهارين. سانت ۾ گذارين، آتمڪ شڪتيءِ کولين، پوءِ نهارين: ڇا ڏسن؟ دنيا ۾ دکہ آهي. پوءِ سنت چون: جنهن دنيا ۾ ايڏو دکہ آهي، پوءِ اَسين هٿ ٻَڌي ڪئن ويهون. اُن سنسار جي اَسين وچِ شيوا ڪريون. نام ڌيائين ۽ وچِ شيوا ڪن. هڪ پاسي پريوءَ کي ڌيائن، ٻئي پاسي دکين جي شيوا ڪن.

اُن ڪانپوءِ گروجن چون ٿا: پيارا! توکي خوشي کپي، آنند کپي، نرمل آنند کپي؟ اِهو سک بہ اَٿيئي نام ۾. تون جوڳہ جي پنيان آهين؟ تون چاهين ٿو، جوڳہ وٽي شڪتيون حاصل ڪرين تہ اُهي شڪتيون بہ اَٿيئي نام ۾.

بِيوگہ معنيٰ وِيوگہ سنسڪرت ۾. وِيوگہ معنيٰ وڇوڙو، جدائي. هَرِ نام جپ. جي نام جپين ٿا، جي هريءَ جو نالو جپين ٿا، اُنهن لئہ جدائي آهيئي ڪونہ، وڇوڙو آهي ڪونہ. اُهي پريوءَ کان پري ڪين آهن. جدائيءَ ۾ نٿا رهن. جي نام جپين ٿا، پريو تہ آهي تن جي روُبروُ. سي پريوءَ جي ڪمل چرنن ۾ وهن ٿا، سي سنمکہ، سي سچا گُرمکہ. پريو اُنهن کان پري ناهي. اُهو وري وري پيو پڪاري: جذر ديکتا هوُن، اُڏر تونهين تون! جو نام جپي ٿو، سو ڏسي ٿو تہ چوگرد چوڌار آهي پريو ئي پريو. جو نام جپي ٿو، سو ناهي جدا. جو نام جپي ٿو، سو ڏسي ٿو پنهنجو خدا. سو رهي ٿو پنهنجي پريوءَ جي روُبروُ. اَهڙو سڀاڳو ڏسي ٿو تہ سڀ کي پريو جهلي بيٺو آهي. اَهڙي پياري کي چنتا ڪانهي.

ڪيتري نہ خوُف ۾ اَسين رهون ٿا. اَڄ مون کي اَچي هڪ پيڻ چيو تہ هڪ پيڻ آهي، بنگلي ۾ رهي ٿي ڊپ ۾. چوي ٿي: متان مسلمان منهنجي گهر ۾ اَچن. منهنجون ٻالڪيون! مسلمان گهرن ۾ ڪين اِيندا. ڊپ نہ ڪريو. ڪنهن مهل بہ اَوهين منجهيو تہ ستسنگہ جو منتر اُچاريو:

هري رام، هري رام، رام رام هري هري!

هن دشٽ سان مقابلو ڪيو. هن دشٽ مون تي حملو ڪيو ۽ منهنجون اکيون اَنڌيون ڪري ڇڏيائين. سائين! منهنجي زال هونديِ مائٽن وٽ، مون کي خبر ناهي.'' اُن وقت شري اِيشا هڪ رومال ڪڍي ٿو ۽ شري اِيشا اُن رومال ۾ لُپڙي ٻڌي ٿو، پوءِ هن سورداس کي ٻڌي ٿو ۽ چويس ٿو: ''پيارا! جي توکي صدق آهي تہ تون ڇُٽ.'' ۽ شري اِيشا پَٽي لاهي ٿو ۽ سورداس ڏسي سگهي ٿو. سنت نام ڏيائين ۽ دکين جي شيوا ڪن.

اُهي جَن، اُهي پريوءَ جا پيارا شيوا ڪن ٿا. ۽ وري وري سنت باڻيءَ ۾ هيءَ سکيا ملي ٿي: نام ڳايو، ۽ دکين جي شيوا ڪريو. ٿيو خذمتگار.

مون وٽي تنهن ڏينهن هڪ ننڍڙي ڳالهہ پڙهي. اُن پياري جو نالو موسيٰ (صلى الله عليه وسلم)، يهودين جو اڳوان. موسيٰ هڪ ڏينهن رات جو بندگي وٽو ڪري. پريوءَ جو آواز اَچي ٿو ڪيس: ''پيارا! غريبن جو ويچار ڪر. جتي ڏسين تہ ڪو بکايل آهي، اُن کي کاڌو ڏي. جتي ڏسين ڪو اُگهاڙو آهي. اُن کي ڪپڙو ڏي. موسيٰ چوي ٿو: ''جئن حڪم!'' ٻئي ڏينهن موسيٰ نڪري ٿو. ڏسي ٿو هڪ غريب ماڻهو. اُهو بکايل. موسيٰ اُن کي پنهنجي گهر وٺي اَچي ٿو. اُن کي کاڌو ڏئي ٿو، ڪپڙا ڏئيس ٿو. موسيٰ چويس ٿو: ''پيارا! توکي کاڌو مليو. ڪپڙو مليو، پريوءَ جا شڪرانا مڃ.'' غريب چوي ٿو: ''پريو وري ڇا جو؟ پريو هجي تہ مون کي بُکہ ڇو ڪڍائي؟'' موسيٰ کي جوش اَچي ٿو ۽ هن غريب کي

گرو نانڪ ديو جن بابت ڳالهہ آهہ. نام پيا ڳائين، نام پيا ڳارائين. هڪ ڏينهن لنگهن ٿا، هڪ ڪوٺيءَ مان دکہ جو آواز اَچي ٿو. هڪ بيمار اَڪيلو پيو آهي هنڌ تي. ”پيارا! ڇا اَٿيئي؟“ گروجن پڇن ٿا. تڏهن هي بيمار چوي ٿو:- ”سائين! توهين ڪير آهيو، مون کي خبر ناهي، پر مان ڏاڍو پيو سَهان. ٽنگہ ۾ سوُر سهي نٿو سگهان.“ گروجن هن اَڪيلي اِنسان کي، هن غريبڙي کي پيروُن ڏين ٿا. جڏن گروجن وڃن ٽنگہ کي مهٽيندا، ماٺهوءَ جو سوُر وڃي گهٽ ٿيندو. گروجن سڄي رات هن ڀاءُ جي شيوا ڪن ٿا. تان جو صبوح جا پنج لڳن ٿا ۽ هي ماٺهو چوي ٿو: ”سائين! توهان کي پريوءَ موڪليو، منهنجو سوُر لهي ويو. ”گروجن آسيس وٺي موٽن ٿا. سنت هڪ پاسي نام ڏيائين، ٻئي پاسي شيوا ڪن.

سنت فرانسز جي يادگيري اَچي ٿي. هي سنت سڄو وڃي نزديڪ وِهي ٿو ڪوڙهئي جي. اَسين ڪوڙهئي کان ڊڄون. ڪوڙهيو چوي ٿو: ”سائين! مون کان سڀ پري پيا ڀڄن. مون کي کائڻ لاءِ ڪونهي. مون کي ڪپڙو ڪونهي پائڻ لاءِ.“ سنت پنهنجي چادر لاهي ڪوڙهئي کي ڏئي ٿو ۽ کيسي ۾ هٿ وجهي ٿو. جيڪي اَٿس، سو اُن ڪوڙهئي کي ڏئي ٿو.

ورِي مون کي هڪ ٻئي سنت جي يادگيرِي اَچي ٿي. شري اِيشا نکري ٿو ٻاهر. ڏسي ٿو سوُرداس آهي، ويچارو رڙيون پيو ڪري. سوُرداس چويس ٿو: ”سائين! مون کي اکيون هيون، پر هڪ دشٽ منهنجي گهر آيو. مون زال کي بچائڻ لئہ

(٢٦٤)

سپ ۾ سندر سوکڙِي

هيءَ ستين پوڙِي جا بابت آهي؟ هريجن. هريجن بابت هيءَ سڄي پوڙِي آهي. هن ۾ گروجن اَسان کي ٻڌائين ٿا هريجن بابت. گروجن ڇا ٿا چون؟

هَر هَر جَن کيءَ، مالُ خَزِينا
هَر ڏن، جَن کئُہ، آپ پربُ ڏِينا
اَشٽپدي ٢: پوڙِي ٧-١

اَچو تہ هڪ هڪ اَکر سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون. ”هر“ معنيٰ ”هري“، پريو. ”هرجن“ معنيٰ پريوءَ جا پيارا، سنت سڄا، تن واسطي هرِي آهي. اُنهن پيارن واسطي هرِي آهي. هري ڇا آهي؟ ”مال خزينا“: اُنهن پيارن واسطي مال ءَ خزانو ڇا آهي؟ ”هرِي“ پريو آهي. سنتن جو خزانو آهي پريو. اُهو خزانو پريوءَ جا پيارا لٽائين. ڦَڙ ڦَڙ ڪانہ ڪن.

ڪيترا اَسان جا شاهوڪار ماڻهو تن کي ڪجھ لکہ ٿين تہ ماپن ئي ڪونہ. جت وڃن، اُت پيا ڏن جي ڳالھ ڪن. پيارا! توکي ملڪيت ۾ ڏن آهي گهڻو؟ ہہ، ٿي لکہ؟ ڪيترا شاهوڪار

لٺ هٽي ٿو. غريب روئندو وڃي ٿو.

موسيٰ رات جو پرارٿنا ۾ وهي ٿو. پريو چويس ٿو: ”موسيٰ! تو هي ڇا ڪيو؟ تو غريب کي لٺ هنئي.“ موسيٰ چوي ٿو: ”پريو! هن اوهان جو انڪار ڪيو.“ تڏهن پريو چوي ٿو: ”هن ماڻهوءَ مون کي ويهه سال سمريو ڪين آهي، منهنجو انڪار ڪيو اٿس. هي غريب ماڻهو مون کي نٿو مڃي. پر تنهن هوندي به مان کيس جيئڻ ڏيان ٿو. پر موسيٰ! هي منهنجو انڪار ٿو ڪري اُن جو ڪارڻ تون آهين.“ موسيٰ چوي ٿو: ”سائين! مان ڪئن ڪارڻ آهيان؟“ سائين چوي ٿو: ”موسيٰ! ويهه سال تو يا ٻين هن غريب ڏي نه نهاريو آهي. اوهان هن غريب کي آهي وساريو. اوهين نام ڳايو. نام جي ساکي ڏيو نه هن زبان سان، پر جيون ۾ ساکي ڏيو. لوڪ پريوءَ کي نٿا سڃاڻن، پريوءَ جو نالو نٿا ڳائين. تنهن ۾ ڏوهه منهنجو، ڏوهه اوهان جو“. شل اسين غريبن دکين جي شيوا ڪريون!

نانڪ پوُجيءِ هَر هَر ديوا (۲-٦-۵)

گروجن چون ٿا: اَهڙن پيارن کي ديوتائون پيا پوُجين سچن سنتن جي چرنن ۾ ديوتائون اچي سِر جهڪائين. ديو لوڪ مان ديوتائون اچي ٻُڌن، اچي سُڻن. سچن سنتن کي آسيس پاڇي ۾ رکن ۽ جي اهڙا پريوءَ جا پيارا آهن، تن کي ديو لوڪ جا به عزت ڏين، ديوتائون به تن جي پوڄا ڪن. پيارا! نام ڳايو، نام جي شيوا ڪريو ۽ پنهنجو مانکه جنم سڦل ڪريو!

ستسنگيو! لڪايو، چپايو، هوءِ هوءِ نہ ڪريو. جيڪڏهن ڏسو ڪو اَوهان جو پيارو متر آهي، اُن کي وٺي اچو ستسنگہ ۾ بيشڪ، پر هوءِ هوءِ نہ ڪريو. ڪيترا ماڻهو ستسنگہ ۾ ايندا: ستسنگہ ۾ اُنهن کي رس اَچي ڪين. متان زوريِ ڪنهن تي ستسنگہ مڙهيو. گيتا جي سکيا، سنتن جي سکيا متان ڪنهن تي زوريءَ مڙهيو. پر ڪيترا نہ آهن، جي ڦر ڦر ڪن ٿا، پوءِ تڪرار تلوارون ڪڍن. پوءِ چون هي منهنجو سڌانت قبول ڪر، نہ تہ توکي قتل ڪنداسين. اِهو ڌرم تہ ڪونهي.

ستسنگہ جي سکيا ڇا آهي؟ نرم لهر. A gentle wave. وٺي اَچو ستسنگہ ۾، جن کي ڪجهہ رس اَچي. ٻين کي توهين زوريءَ وٺي اِيندا، اَوهان کي ڇا ملندو؟ روحاني زندگيءَ جي لهر اَٿو نرم، گوڙ شوڙ کان پري. روحاني زندگيءَ جي ساکي ڏيو جيون ۾. ڇپن سان ڦر ڦر نہ ڪريو. ٿورا اَکر اُچاريو. اُن مهل اَوهان جي جيون اَهڙي هجي، جو لوڪ پاڻيهي چون: اَڙي، هن کي ڪا شيءِ ملي آهي. جئن گونگو ڳُر کائي، گونگو ڇوي ڪيچ ڪين. سندس اکيون پيهون چمڪن. اُسين بڪ بڪ ڪريون، ڪيتريون ڳالهيون ڪريون، گوڙ شوڙ ڪريون، لنبيون تقريرون ڏيون، پر اَسان جون اکيون ٺلهيون ٺلهيون. اکين ۾ جوت ڪٿي؟ هريِ نام آهي خزانو، پر اُهو خزانو لڪايو، ڇپايو.

ٻي ڳالهہ: اِهو خزانو جي اَوهان کي نہ مليو آهي تہ اَوهان کي ملي سگهي ٿو. اِهو خزانو ڪو ڪنهن جي monopoly

اِئين هلن. اَيمان ۾ اُيا. پنهنجيِ شاهوڪاريِ لڪائين ڪين. اِها آهي ڪوڙيِ شاهوڪاري.

پر سنت سچا، اُنهن کي سچيِ شاهوڪاريِ آهي. وِهندا نماڻا ٿيِ. هلت چلت ۾ نماڻا، روز بروز جي هلت ۾ نماڻا. ديکا ديکيءَ ڪانسواءِ. پنهنجي خزاني جيِ ڦَڙ ڦَڙ ڪن ڪين.

هڪ ستپرڪ چيو آهي نہ. شريِ اِيشا پنهنجي ششن کي وينو سکيا ڏئي. ۽ ستسنگہ ۾ هيءَ وشيہ کُلي ٿيِ: ”گرديو! ڪرپا ڪري ٻڌايو تہ اِهو هرِي نام ڇا آهي؟“ تڏهن اِيشا چوي ٿو: ”پيارا! هيِ نام اَٿو اِڪ لڪل خزانو.“

هڪ دفعي اِيشا چوي ٿو: هڪ ماڻهوءَ کي خبر پيئيِ تہ هِت خزانو لڪل آهي. هيٺ سون جي ديگہ آهي. سو ڇا ڪيائين؟ ڦڙ ڦڙ ڪين ڪيائين. ٻئي ڪنهن کي ڪين ٻڌايائين. چيائين: هن زمين ۾ آهي سون جيِ ديگہ. پهرين زمين خريد ڪري ٿو. ڪيس پئسا پورا ڪونهن. اُڌارا ونيِ زمين وني ٿو. ڪنهن کي ٻڌائي بہ ڪين ٿو. ۽ پوءِ سون جيِ ديگہ هٿ ڪري ٿو.

سنتن کي خزانو مليو آهي. اُهي ڦڙ ڦڙ نٿا ڪن. اَسين [illegible] Propaganda ڪريون ٿا. ڦڙ ڦڙ واسطي ڪوُڙ بِدوُڙ ڳالهايون ٿا. سچ پنهنجيِ ساکيِ پاڻيهيِ ٿو ڏئي. اُن جي اکرن ۾، اُن جي هلت ۾، اُهو پيارو جنهن کي مهر مليِ آهي، اُهو ڦڙ ڦڙ نٿو ڪري. پر جيون ۾ ساکي ڏئي ٿو.

هري نام خزانو Hidden treasure- آهي لڪل. پياري

متر ڏن ڪمايو، ڪيترا ڪم ڪيائين، جي ڪم چڱا ڪين هئا. ڏن بيشڪ ڪنو ڪيائين. پر هن ٻئي متر ڏن ڪنو ڪيو ڪين آهي. هن ڪي ستگر گهرجن ڪان مٿي رکيو آهي. هن جي پوري پني حالت. ۽ هينئر پڇي ٿو متر ڪان: تنهنجي اکين ۾ پاڻي چو؟ تڏهن هي متر چويس ٿو : ” پيارا مون ڏن ڪنو ڪيو، رُشوتون ورتيم، ڪوڙ ڳالهايم . هينئر مان پنهنجي حالت تي روئان ٿو. مان هينئر وڃان ٿو هيءَ دنيا ڇڏي، ۽ مان هيءَ دؤلت سڀ ڇڏي وڃان ٿو، پر تون ، تون بہ اِ يندين: پر تون اَچين ٿو سچي خزاني سان - چو تہ تنهنجي جيون سندر، تنهنجا ڪم سُنا . پيو پاڻ ڪي چوان: اَسين ٻئي گڏ پڙهياسين ٻئي متر. پر مان روئان ٿو چو تہ مان دنيا ڇڏيان ٿو، هي خزانو ڇڏي ويندس. پر تون، متر! هريِ نام جو خزانو ڪٺي ايندين.“

هر ڏن جَن ڪئُہ آپ پرپ دينا ۲-۷-۱

گروجن بيءَ تڪ ۾ چا ٿو چون ؟ هريءَ جو نام ، هريءَ جو خزانو ، هريِ ڏن ، نام پدارٿ، سچو ڏن. ”جَن ڪئُہ“ معني پيارن ڪي. پنهنجي پيارن ڪي چا؟ پنهنجي پيارن ڪي ”دينا“ معنيٰ دان. دان ڪري ٿو. پريو پاڻ اَچي پنهنجن پيارن ڪي سچو دان ڪري ٿو، نام خزانو. پنهنجن پيارن ڪي پريو اَچي پاڻ پرم پدارٿ ڏئي ٿو. اِن جو مطلب چا آهي؟ اِهو پرم پدارٿ، نام پدارٿ، ملي ٿو، جڏهن پريو مهر ڪري ٿو.

ڪونهي، پر اَوهان مان هڪ هڪ کي ملي سگهي ٿو، پر هڪ شرط ٿي. جئَن شري اِيشا چيو تہ اُن ماڻهوءَ زمين خريد ڪرڻ واسطي سڀ ڪجهہ ڏيئي ِ پوءِ خريد ڪيائين. اَوهين تيار آهيو؟ جو چوي تہ مان هرِي نامر واسطي سڀ ڪجهہ قربان ڪندس، اُن کي ئيِ نامر جو خزانو ملي ٿو.

هرِي نامر، هرِي نامر، پنهنجي پيارن جو پريو آهي مال خزانو ۽ اُهو خزانو اَهڙو اُتم آهي، جو پريوءَ جا پيارا لڪائين. لِڪا وتن لوڪ ۾. اَوهان سان رِلندا مِلندا. لَکَ ڪونہ ڏيندا ٻين کي. ڦر ڦر ڪانسواءِ اُهي ڪئَن نہ سنت سچا گهميا آهن. ماڻهن جي ميڙن ۾ آيا آهن. اَچي ڪنڊ ۾ وينا آهن. لڪايو! لڪايو!

هَرِ ڌَنُ جَنَ ڪئُہ، آپ پرڀ دينا

(اَشٽپدِي ٢: پؤڙِي ٧ - ١)

پريو آهي پيارن جو خزانو. هرِي جَن، پريوءَ جو پيارو، اُن جو خزانو آهي پريو پاڻ. اُهو سچو خزانو آهي. دنيا جو ڌن دؤلت جيڪڏهن اَسين ڪنو ڪري پاڻ تي خرچ ڪريون ٿا، اُهو ڪوُڙو خزانو. سچو خزانو آهي هرِي نامر.

هڪڙا ٻہ دوست هئا. گڏ پڙهيا هئا. ٻئي وِرڌ اَوستا ۾. هڪ جي عمر ٦٠ سالن کان مٿي. پوءِ هڪ متر ٻئي متر جي گهر وڃي ٿو. ٻڌو اَٿس تہ منهنجو متر سخت بيمار آهي. جڏهن ڏسي ٿو منهنجو متر بيمار آهي ۽ ڏسي ٿو متر جِي اکين ۾ پاڻي آهي، تڏهن متر چويس ٿو: ”پيارا! تون روئين چو ٿو؟ هن

(٢٦٥)

جيون جو آڌار هريِ نامِ

هَرِ هَرِ جَنَ ڪيء اوٽ سَتاڻيِ
هَرِ پرتاپِ جَنَ اَوَرَ نہ جاڻيِ   ٢-٧-٢

اوٽ معنيٰ آڌار. هر معنيٰ هريِ، هريِ نامِ، پريو. هر جن معنيٰ پريوءَ جا پيارا. تن پيارن واسطي، گروجن چون ٿا تہ اُنھن جي جيون جو آڌار آهي پريو پاڻ. تنھنڪري پريوءَ جي پيارن کي نڪو لھر، نڪو لوڏو. پريو پاڻ پنھنجي پيارن جيِ جيون زندگيِ جھلي بيھي ٿو. تڪليفون اَچن، مشڪلاتون اَچن، سفر جا لوڏا اَچن، گھر کي باهيون لڳن، پر پريو اُنھن جيِ جيون جھلي بيھي ٿو جيستائين اُن جي جيون جو ڪم ڪرڻو آهي. پريو پنھنجن پيارن جي جيون جو آڌار آهي پاڻ! تن کي نڪو لھر، نڪو لوڏو، بيڙيِ پُراڻيِ، سمنڊ تکو، لھرون تکيون، پر تن کي نڪو لھر، نڪو لوڏو، ڇو تہ پريو پاڻ تن جيِ جيون جھلي بيھي ٿو.

جَنَ، اُهي جَنَ، اُهي پيارا! تن بابت گروجن ڇا ٿا چون؟ ”پرتاپ“ معنيٰ وڏائيِ. اُهي پيارا پريوءَ جي وڏائيِءَ بنا ڪيِ ڪين سڃاڻن. چون: سڀ تني وڏا ميرا سائين! منھنجو سائين

پهرين تڪ ۾ ويچار آهي تہ پيارن جو خزانو آهي هري نام
بيءَ تُڪ ۾ هي ويچار تہ اِهو خزانو پريو پاڻ اَچي پنهنج
پيارن کي ڏئي ٿو. تڏهن اِهو نام پدارٿ آهي سوڪڙي پريو
جي ·

The greatest gift of God to man.

سڀ ۾ سندر بخشيش پريوءَ جي آهي نام جي.
هڪ چوڪري هڪ دفعي گُل کڻي آئي پنهنجي ٽيچ
وٽ چيائينس:- ”سائين! اَڄ منهنجي جنم جو ڏينهن آهي
هي گُل ڪرپا ڪري قبول ڪريو!“ ”تڏهن هي ٽيچر مشڪ
ٿو ۽ چوي ٿو:-“ بالڪي اَڄ تنهنجي جنم جو ڏينهن آهي. مو
کي ڏين ٿي گُل جي پيٽا؛ پر پريوءَ کي تون ڪهڙي پيٽا ٿي
ڏين؟ تڏهن بالڪي مشڪي ٿي ۽ چوي ٿي: ”اَوهان کي ڏيان
ٿي گُل جي پيٽا؛ پر مان سائينءَ کي ڏيان ٿي اُها پيٽا جا سين
سندر آهي.“ اُها ڪهڙي؟ چوڪري چوي ٿي.

The gift of myself to the Lord!.

”پنهنجو پاڻ مان پريو کي ڏيان ٿي.“ پنهنجو پا
ڏيڻ آهي. وڏي ۾ وڏي سوکڙي ۽ پريوءَ پنهنجي gift ڏئي ٿ
پاڻ اَچي ٿو پنهنجي پيارن کي ڏئي. چوي ٿو: ”مان پاڻُ اَچي
توهان کي ڏيان ٿو.“ ۽ پريوءَ جو پنهنجو پاڻ ڏيڻ چا آهي
پريوءَ جو نام. نام ۾ ۽ پريوءَ جي وچ ۾ تفاوت آهيئي ڪون
پريو جڏهن پرسن ٿئي ٿو، تڏهن بخشيش ڏئي ٿو هري نام

جِي خوشامد ٿئي ٿي. هرِي نام نٿا اُچارين. پر هن بادشاه جِي پوڄا ڪن ٿا. مندر مندر، ٽڪاڻي ٽڪاڻي، مڙهيءَ، مڙهيءَ ۾ هن راجا جِي پوڄا ڪن ٿا. پر هڪ گرمکہ گياني، هڪ ننڍڙو ٻالڪ، اُن ۾ ٿو چمڪي رحم روحاني،- راجا جو پُٽ. راجا کي چوي ٿو: ”پوڄيہ پتا! اَوهين هريءَ اڳيان ڪير آهيو؟ منهنجو هري آهي سڀ ڪجهہ. مان اِڪ هريءَ جِي پوڄا ڪندس. مان اَوهان کي ڪين سڃاڻان. مان پنهنجي پريوءَ کي سڃاڻان.“ پوءِ اَوهان کي خبر آهي نہ تہ پرهلاد ڪيترين تڪليفن ۾ اَچي ٿو، پر پريوءَ کي نٿو ڇڏي. اِڪ اِڪ پريوءَ جو پيارو، اُهو پرهلاد وانگر پريوءَ جِي مهما ڳائي ٿو. پرهلاد سياڳو.

سين ۾ وڏو آهي. تنهنڪري اُهي پيارا ڪنهن جي بہ خوشام
ڪن ڪين، ڇو تہ اُهي پيارا هيءَ ڳالهہ سمجهن ٿا تہ پريوءَ
ٻيو ڪوئي وڏو ڪونهي. گورنر، وائيسراءِ، حاڪم، حڪ
هلائيندڙ، شاهوڪار، اُهي ڇا آهن؟ اُهي ڪير آهن؟ ”ماٽي
پُتلا ڪئسي نچت هئہ!“ اُهي مٽيءَ جا پُتلا نچن ٿا ۽ وري ڪِر
پون ٿا. پريوءَ جا پيارا اِها ڳالهہ سمجهن ٿا. اُهي مٽيءَ جا پُ
ڪجھ وقت نچي نچي ڪِري پون ٿا. سين ۾ وڏو ڪُل مالڪ
سين ۾ وڏو منهنجو پريتم، منهنجو پريو. پريوءَ جي وڏائي
بنا ٻيو ڪين سڃاڻن. اِهو ويچار سمايل آهي اِنهن اکرن ۾
جيڪي مسلمان چون ٿا، پر سمجهن ڪين: ”اَللهُ اَڪبَر“. اِنه
اکرن ۾ ڪيڏو نہ ويچار سمايل آهي. هڪ اَللہ وڏو، هڪ سائي
آهي وڏو. پوءِ شاهوڪارن جي، آفيسرن جي خوشامد ڇو ڪريان
پريو وڏو آهي. پريوءَ جا پيارا اِهو سچ سمجهن ٿا، تنهنڪر
پريوءَ بنا ٻيو ڪين سڃاڻن.

ڪهڙي نہ مٺي ڳالهہ آهي. توهان وستار ۾ ڪين ٻڌه
آهي،- پرهلاد جي ڳالهہ. پرهلاد ٻالڪ ۽ پرهلاد جو پتا راجا. پ
چويس ٿو: ”منهنجي پوڄا ڪر. مان آهيان سين ۾ وڏو. مو
بنا ٻيو ڪير ڪونهي. پريو ڇا جو؟“ راجا اِشتهار ڦيرائي ٿو تہ ا
ڪان وٺي مندرن ٺڪاڻن ۾ منهنجي پوڄا ٿئي. پوءِ هي مند
ٺڪاڻا، هي جڳہ جُٽنو، هن ڪوڙي سنسار ۾ ٺڪاڻا بہ ڪوڙ
مڙهيون بہ ڪوڙيون هنن مندرن ٺڪاڻن ۾ ڪيڏي نہ ڪو

آهي، تنهنڪري اَسين ٽڪجِي پئون ٿا. پر پريوءَ جا پيارا مست نام ۾ ڪيلين. سنتن جي ٻاٽِي پاٺ ڪن، ويهي پنهنجِي پريوءَ سان ڪيلين. اُن رام راند ۾ ويهي ڪيلين. ٽڪجن ئي ڪين. پيا ڪيلين. روحاني هولِي پنهنجي صاحب سان هِي پيارا پيا ڪيلين. ٽڪجن ڪين. سامِي جن پنهنجي هڪ شلوڪ ۾ اِن ويچار جو اِشارو ڏين ٿا.

هَر جَن ڪيلين ڦاڳ، ملِي سدائين هَر سان

بسنت ڪيلين پريوءَ جا پيارا. پريوءَ جي پيارن لاءِ هميشه اَٿو بسنت. پيا سدائين ڪيلين.

لائي رنگ رهت جو، ڳائن اَنهد راڳ

اِهي پريوءَ جا پيارا رنگ لڳائين ٿا. ڪهڙو رنگ؟ رهت جو رنگ. رهت معنيٰ جيون جو رنگ. آتمڪ جيون جو رنگ اِهي پيارا پاڻ تي لڳائي پوءِ پيا ڳائين. اَسين هڪ ٻه ٽي گيت ٻڌون، پوءِ چئون بس. پر پريوءَ جي پيارن وٽ بس آهيئِي ڪانه. راڳ، اَنهد شبد، اَندر ۾ نام پيا ڳائين. ٽڪجن ئي ڪين.

ڏوئِي دُتيا راڳ، سامِي پيئن رام رس

ڏوئِي: ڏوئن ٿا. ڇا ٿا ڏُئن؟ دُتَيا راڳ. دُتيا معنيٰ ٻيائِي. ٻيائِي جون ڳالهيون سڀ وڃائي ڇڏين. پنهنجي اَندر مان ڪڍن سڀ دُئيت ڀاوَ. سَم درشٽِي اُنهن جِي آهي. تن کي ڀيد ڪونهي. تن کي ٻيائِي ڪونهي. رام رس پيا پيئن. آنند ۾ رهن ٿا. گروجن چون ٿا سا ڳِي ڳالھ. اَسان واسطي ستسنگ بار ٿِي پوي ٿو. پر پريوءَ جي پيارن واسطي ستسنگ آهي ڪيل، آنند. اُن رام رس ۾ رتل رهن ٿا هميشه.

(٢٦٦)

نامِ رَسَ ۾ رتل

اوتِ پوتِ جَنَ هَر رَس راتي (٢-٧-٣)

اوت پوت معنيٰ سمورو. جَن معنيٰ هريِ جَن. هريِ جَنِ سچا سمورا. هَر رَسَ معنيٰ هريءَ جي رَس ۾. پريوءَ جا پيارا هريءَ جي رس ۾، نام جي آنند ۾ نواس ڪن ٿا. راتي معنيٰ رتل. پريوءَ جا پيارا سمورا نام جي رس ۾ رتل رهن ٿا. پريوءَ جا پيارا، هريِ جَن، اُنهن جو آنند آهي نام ۾. اُنهن جيِ خوشيِ آهي نام ۾. هريِ نام ۾ رتل رهن ٿا.

سُن سَماڌِ نامُ رَس ماتي (٢-٧-٣)

سُن سَماڌ، سماڌيءَ ۾ آهن پريوءَ جا پيارا. سانت ۾ وچن ٿا اُهي پريوءَ جا پيارا. سُن سماڌيِ لڳائين ٿا. ماتي معنيٰ مستانا. نام ۾ مستان ٿيِ رهن ٿا. نام ۾ رُڌل، نام ۾ مستانا. نام ۾ ديوانا آهن هريِ جن، پريوءَ جا پيارا. هريءَ جي رَس ۾ رُڌل رهن ٿا.

تڏهن اَسان معموليِ اِنسانن ۽ هيِ پريوءَ جا پيارا، تن ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟ اَسين ستسنگ ۾ اَچون ٿورو وقت. پوءِ تڪجيِ پئون. سبب ڪهڙو؟ ستسنگ مان اَسان کيِ رَسِ نٿو اَچي، آنند نٿو اَچي. نام جو پاٺ ٿئي. پر اَسان کي رس نٿو اَچي، آنند نٿو اَچي. تنهنڪري اَسين جلد ٿڪجيِ پئون ٿا. پر پريوءَ جا پيارا رتل رهن ٿا نام رس ۾. اَسان کي اَچا سواد ڪين مليو

سگهي. ڪيترو وقت پريوءَ جا پيارا لڪل رهن ٿا، پر هڪ ڏينهن
پڌرا ٿيِ پون ٿا. هڪ ڏينهن ڪونہ ڪو ڪانڪيِ، ڪو نہ ڪو
تلاشيِ، جنهن جي دل اَندر آهي پياس، سو اَچيِ ٿو اُنهن سنتن
کي ڳولي. هڪ ڏينهن پڌرا اَچي ٿا ٿين. ڪو نہ ڪو پريوءَ
جو پيارو اُنهن جو سنگہ ڪري ٿو ۽ هڪ ڏينهن پڌرا ٿيِ پون ٿا.

هريداس جو ويچار ڪريو. هريداس هڪ سچو پڳت،
غريب، جهوپڙيءَ ۾ رهي. غربين کي ڪير ٿو پڇي؟ يڪتارو
سندس هٿن ۾: يڪتاري تي وريِ وريِ پيو هريِ نام ڳائي.
ڪيترا سال ماڻهن کي خبر ئيِ ناهي تہ هن کي ڪاڏو ملي ٿو يا
نہ. ڪڏهن ڏسو ڪپڙا ڦاٽل، ميرا. لوڪن کي خبر ڪانہ ۽ هيِ
پيو لوڪن ڪان پاڻ لڪائي. هڪ ڏينهن پڌرو ٿيِ پوي ٿو.
هريداس جيِ خبر وڃي پکڙنديِ. نگر واسيِ هينئر سمجهن ٿا
تہ اَسان جي نگر ۾ هريداس رهي ٿو.

هريداس وڃي ٿو جڳنناٿ پُريءَ ۾. اُت آيو آهي هڪ
سنت،- شري چئتنيہ. هريداس کي پياس تہ مان هن سنت جو
درشن ڪريان. هريداس پنهنجو يڪتارو کڻيِ اَچي پهچي ٿو
پُريءَ ۾. جڳنناٿ مندر وڏو آهي.

مهنت ملي ٿو شري چئتنيہ کي ۽ سندس ستڪار ڪري
ٿو ۽ مهنت چويس ٿو: سائين! توهين منهنجا مزمان ٿيو. اَسان
تي آسيس ڪريو. شري چئتنيہ چوي ٿو: اَوهان جيِ مهربانيِ!
مان خوشيءَ سان رهان، پر منهنجيِ هڪ تڪليف آهي تہ مان

(٢٦٧)

اَٺ ئي پھر نام جپ

آٺ پھر جَنُ هَر هَر جپيءِ

هَرِ ڪا پڳت پرگھٽ نَهي ڇپيءِ (٢-٧-۴)

آٺ پھر معنيٰ اَٺ پھر. جَنَ پريوءَ جا پيارا. اَٺئي پھر پريوءَ جا پيارا پيا نام جپين. جيڪر اُوهين پيارا پائرو ۽ پينرون! ٿورو ڪجهہ آزمودو وٺو. پھرين پھرين اَٺئي پھر نام جپڻ مشڪل ٿيندو اَسان سڀن واسطي. اَسين جيڪر هيئن ڪريون. ڪلاڪ نہ گذري، اَسين ڪٿي بہ هجون،- آفيس ۾، باهر، گھر ۾، گھمڻ ۾، ڪلاڪ نہ گذري تہ اَسين هڪ بہ منٽ نام جپيون. اِهو آزمودو وٺي ڏسون. جيڪڏهن اَسان کان ڪلاڪ ڪانپوءِ نہ پُڄي تہ ٻِي ڪلاڪي ڪانپوءِ، گھڻيءَ مان لنگھون، رستي تي وڃون تہ ڪلاڪ ڪانپوءِ، ٻن ڪلاڪن ڪانپوءِ پنھنجي پريتم کي ياد ڪريون تہ اَسان جي جيون نئين ٿِي پوي. پر هيءِ پريوءَ جا پيارا اَٺئي پھر نام جپين ٿا.

هر ڪا پڳت: اُهي پريوءَ جا پيارا، سنت سچا، پرگھٽ معنيٰ پرڪاش ٿِي پون ٿا. نهين ڇپيءَ: ڪين ڪوئي لڪائي نٿو

هڪ ٻيءَ پياريءَ جي ڳالهه مون کي ياد اَچي ٿي. اُن جو نالو ربيئا. ربيئا جا گيت هڪ ٻيءَ ٻوليءَ ۾ آهن، جا مان ڪين ڄاڻان. ربيئا جي ٻاڻيءَ جو ڪجھ ڀاڱو ترجمو ٿيل آهي اَنگريزيءَ ۾. مون نہ جڏهن اِها ٻاڻي پڙهي، منهنجي دل ڏڏڻ لڳي. مان پوءِ هن پريوءَ جي پياريءَ جي جيون پڙهڻ لڳس. سوُنهن وارِي. هڪ هڪ چوي تہ منهنجي شادي هن ڇوڪريءَ سان ٿئي، پر هيءَ ڇوڪري چا پيئي چوي تہ ”دل ڏجي اِڪ دلبر کي!“ جهوپڙيءَ ۾ رهندي هئي. ڪيترا سال لڪل، ڇپيل، نماڻي، پر هڪ ڏينهن پڌري ٿي پيئي. هن پريوءَ جي پياريءَ جو نالو پرسڌ آهي، مشهور آهي. لڪي ڪين سگهي. پڌري ٿي پيئي.

ذات پات ڪين سچاڻان ۽ ٻي تڪليف هيءَ تہ ڪيترا بہ اَچن،
مان هڪ هڪ کي ڪاڏي پيٽي جي آچ ڪريان. پوءِ اُنهن سين
واسطي پوڄن جو بندوبست ٿي سگهندو؟ ٽين تڪليف هيءَ تہ
هڪ پريوءَ جو پيارو آيو آهي. هوُ مون کي سچاڻي. پريوءَ جو
پيارو آهي ۽ مون مندر جي ٻاهران اُن کي ڪکن جي جهوپڙي
ڏاهي ڏني آهي، پر مان اُن کي جيڪر ڪاڏو ڏيان. هن جو نالو
هريداس. مسلمان جي گهر ۾ هريداس جو جنم ٿيو. منهنجي
نظر ۾ تہ مسلمان جي گهر ۾ ٿيو، پر هيءُ پريوءَ جو پيارو آهي.

مهنت سڀ ڳالهيون ٻڌي ٿو ۽ چوي ٿو: ”اَءِ سنت سچا
جئن توهين چوندا. اَوهان جو چوڻ مون لئہ حُڪم آهي!“

پوءِ شري چئتنيہ رهي ٿو ۽ سڀ ڳالهيون مهنت ڪري
ٿو. روز پنج سَوءِ ماڻهو اَچن ٿا، ڪڏهن اُن کان بہ وڌيڪ. سنت
سچو شري چئتنيہ روز پنهنجي هٿن سان ماني ڪٽي هريداس
کي کارائي ٿو، پوءِ پاڻ کائي ٿو.

ڏسو، هريداس ڪئن نہ لڪل هو. هڪ ڏينهن پڌرو ٿي
پوي ٿو. پريوءَ جي سنگہ ۾ ڪيترو بہ لڪل رهي، تہ بہ هڪ
ڏينهن پريو پنهنجي مهر جا ترورا رکي ٿو. اُهي ترورا جڏهن
اُن پياري کي ملن ٿا، تڏهن اُهي چمڪن ٿا. اُهي ترورا ڪو نہ
ڪو ڪانکي ڏسي ٿو ۽ پريوءَ جو پيارو پڌرو ٿي پوي ٿو. پريوءَ جو
پيارو گهڻو وقت لڪل رهي ٿو سگهي. ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن
پڌرو ٿي پوي ٿو.

نندڪ ڪير آهن؟ اَسين نندڪ آهيون يا نہ؟ اُهي سياڻا آهن جي شرن وٽن ٿا. ڪيترا آهن جي چون تہ اَسين نندا ڪريون ڪونہ. سنتن جي نندا اُهو ڪري ٿو جو سنتن جي سکيا جي پيروي نٿو ڪري. من جي ”مان مان“ اَڪثر اَسان کي هلاڪ ڪري ٿي. جو حڪم ۾ نٿو هلي، اَهنڪار جي چار ۾ قاتل آهي، سو آهي سچو نندڪ. اِن ڪري گروجن چون ٿا تہ شرن وٽو ۽ نندا ڇڏيو. جو شرن وٺي ٿو اُنجو اُڌار ٿئي ٿو ۽ جو حڪم ۾ نٿو هلي اُهو ويچارو جنم مرڻ جي چڪر ۾ دکي ٿئي ٿو.

هڪ هڪ جيڪر پاڻ کان سوال پڇي تہ مان نندڪ آهيان ڇا؟ مان حڪم ۾ هلان ٿو يا نہ؟ اهنڪار اَچي مونکي هلاڪ ڪيو آهي ڇا؟ مان شيطان جي سنگہ ۾ آهيان ڇا؟ هڪ هڪ جيڪر پاڻ کان اِهو سوال پڇي.

نندڪ اُهي آهن جي سنتن کي ڏوهہ ڏين ٿا. اَسين سنتن جي سنگہ ۾ اچون ۽ حڪم ۾ نہ هلون، پاڻ سنتن تي دوش لڳايون تہ اسين نندڪ ڇئباسين. گروجن هن اَشٽپدي ۾ چون ٿا- اَهڙن جي حالت بُري ٿئي ٿي. اُنهن جي عمر وڃي ٿي گهٽ ٿيندي. جوتش ۾ ڏيکاريل آهي تہ فلاڻا تنهن جي عمر هيتري هئي، پر جي تو ڏوهہ پاپ ڪيا تہ تنهن جي عمر گهٽجي ويئي.

جي دوش لڳا ئين ٿا سي جنم مرڻ جي چڪر کان نٿا ڇٽن-

(٢٦٨)

شرن وٺو

سنت سَرن جو جن پريءُ
سو جن اُڌرن هار
سنت کي نندا نانڪا،
ڀهر ڀهر اوتار!

سکمني: ١٣ - شلوڪ

اَرٿ:- جو جيو سنتن جي شرڻ پوي ٿو، سوئِي ترِي پار پوي ٿو.

جو سنتن جي نندا ڪري ٿو، سو جنم مرڻ جي چڪر ۾ ورِي ورِي اَچي ٿو.

*

هن وچن ۾ گروجن هڪ ڳالهہ ڪن ٿا تہ شرن وٺو! ورِي ورِي اِها سکيا سنتن جي باڻيءَ ۾ اَچي ٿِي تہ جي اوهين نستارو چاهيو ٿا تہ شرن وٺو-

ٻِي ڳالهہ گروجن هن وچن ۾ ڪن ٿا تہ جيڪي شرن نٿا وٺن ۽ سنتن جي نندا ٿا ڪن اُنهن کي گروجن ڪوٺين ٿا نندڪ. ۽ اُهي جنم مرڻ جي چڪر ۾ ورِي ورِي اچن ٿا.

سوُچنا

پياري پاٺڪو،

اَڄڪلهہ پني ۽ پرنٽنگ جا خرچ ۽ پڻ ٻيا خرچ ڪافي قدر وڌيل آهن. اِن ڪري ڪو بہ پاءُ يا پيڻ هن شپ ڪاريہ ۾، ڏونيشن جي روُپ ۾، خوشيءَ سان پئسا موڪليندو تہ سويڪار ڪيا ويندا، پر اِن لاءِ ڪنهن بہ قسم جو ڪوبہ ٻنڌن ڪين آهي.

جنهن بہ گهر ۾ سنتن جي ٻاڻي پڙهجي ٿي، اُن گهر تي پريوءَ جي آسيس چمڪي ٿي ۽ واهگرو برڪت جا ڀنڊار ڀرپوُر ڪري ٿو. شل توهان تي ۽ گهر جي هڪ هڪ ڀاتيءَ تي ۽ توهان جي ڪمن ڪارين تي دادل شاه جي آسيس چمڪي، چمڪندي رهي!

جيڪڏهن توهان جو چندو پورو ٿي چڪو هجي تہ ڪرپا ڪري نئون چندو موڪليندا.

مَني آرڊر يا ڊرافٽ هيٺين اَڊريس تي موڪليندا:

Sant Mala, Sadhu Vaswani Mission,
10, Sadhu Vaswani Path, Pune 411 001. (India)

چندي جا نوان اَگهہ هن ريت آهن:

For India
Yearly Subscription Rs. 30/-
For Four Years Rs. 100/-
Life Membership Rs. 1000/-

For Foreign: (By Air)
Yearly Subscription $10 USD
Life Membership $ 200 USD

Editor : Shri A.M. Vaswani (Phone: 40064447)
Published by: Sadhu Vaswani Mission
Owned by: Sadhu Vaswani Mission
at 10, Sadhu Vaswani Path, Pune - 411 001
Typeset & Printed By S. P. Shahani at
WAHGURU ENTERPRISES
B-9, Parmar Trade Centre, Sadhu Vaswani Chowk, Pune -1. ✆ : 26050755

اُهي ويچارا دکي، مها دکي!

وڏيک گروجن چون ٿا سنتن جا نندک جيکي آهن تن جو سکہ وڃي ٿو هليو. تواريخ ۾ اِئين ڏٺو ويو آهي تہ جيکي نندک آهن، جيکي سنتن کي دکہ ڏين ٿا اُنهن جو پئسو ۽ پيا سکہ کسجي وڃن ٿا. اُنهن جي مت ملين ٿيو پوي. اُنهن جي من ۾ اَشانتي آهي. اُنهن جي من ۾ دنيا جا ڪِنا ويچار وري وري تنگہ ڪن ٿا. سڄي ناموس اُنهن جي چَٽُ ٿي وڃي ٿي. اُهي سنتن وٽ اچن: پر اُنهن جا ڪرتوت ڪِنا ٿين ٿا. اُنهن جي حالت ڪهڙي؟ اُنهن جي ڪوئي بہ رکيا نٿو ڪري سگهي.

پڇاڙيءَ ۾ گروجن چون ٿا تہ اهڙي نندک جو بہ اَڌار ٿي سگهي ٿو- سنت جي ڪرپا ڪن تہ اَهڙي نندک کي پنهنجي سنگہ وهارين ٿا ۽ اَهڙي نندک جو اُڌار ٿئي ٿو. پيارا! اَسين ڪو اَهڙن نندڪن کان بهتر ڪين آهيون- پر سچو ستگرو شل اَسان تي اهڙِي ڪرپا ڪري، پنهنجي نرمل سنگہ ۾ وهاري، هڪ ڏينهن پنهنجي مهر نظر سان نهاري اسانکي بہ نهال ڪري اَسانجو مانکہ جنم سڦل ڪري! گروجن چون ٿا:-

سنت ڪرپال، ڪرپا جي ڪريءَ
نانڪ سنت سنگہ نندک پِي تريءَ!

R.N.I.MAHSIN/2001/6085 PNCE/172/2009-2011

سنتن جي جيون چرتر تي
دادا واسوانيءَ جا پستڪ

١. شري جپ صاحب اُپديش (ٽي ڀاڱا:٨٥٨ پيج)	١٠٠ رپيا
٢. نوُريءَ جي نهار: اَنجليءَ جي پڪار (پڪي جلد سان)	٤٠ رپيا
٣. شري سکمني صاحب (ارٿ واد) (پڪو جلد)	٣٠ رپيا
٤. شريمد ڀڳوت گيتا (پڪو جلد)	٢٥ رپيا
٥. شري جپ صاحب (ارٿ واد) پڪي جلد سان	٢٥ رپيا
٦. نوُرِي ٻاٽِي (پڪي جلد سان)	٣٠ رپيا
٧. دادا واسواڻِي: سندس شبدن ۾	٨٠ رپيا
٨. پيارت جي نوئنرماڻ جو منهنجي اَکين ۾ سپنو	١٠ رپيا
٩. موت: اننت جو دئار	١٠ رپيا
١٠. ٻگڙي ٻناني والا	١٠ رپيا
١١. حاضران حضور	١٠ رپيا
١٢. مکڙيون	١٥ رپيا
١٣. فقير فرانسز	١٠ رپيا
١٤. قرن فقير ويچارا، صورت لئہ سوين سڪن ٿا	١٥ رپيا
١٥. ميران مستانيِ	١٠ رپيا
١٦. نوُريءَ سان گفتگو	١٥ رپيا

پستڪن جي لسٽ ۽ ٻيِ لکپڙه لئہ لکو:-

Manager, Sant Mala,
10, Sadhu Vaswani Path, POONA - 411 001. (India).